✻غلام عمر (مور مغيري)

# سيد رکيل شاهه ۽ سيد چيزل شاهه جي شاعريءَ ۾ هڪ جهڙايون
# (SIMILITERIES IN THE POETRY OF SAYED RAKHIYAL SHAH AND SAYED CHEEZAL SHAH)

***Abstract:***

Syed Rakhyal Shah and Syed Cheezal Shah are famous Sufi poets, there poetry is found in various languages and is listened to across all provinces of the country and even in foreign Countries. However, the intellectual message of their poetry resonates particularly in the corners of Sindh and Balochistan. They are excellent poets of `kafi` (a form of poetry).

Syed Rakhyal Shah was born on 17th Rabi-ul-awal,1262 Hijri, (March 14, 1846) in the house of Syed Noor Muhammad Shah, at the village of Haleem Shah, Tahsil Tanboo, Disrict Nasirabad, Balochistan. He passed away on Monday the 7th of Rabi-ul-Sani 1359 Hijri, (May 14, 1940) His shrine is located in the area oh Bhag Nari. His collection of works, titled “Bahr-ul-Ishq” (the Ocean of Love) has been published several times. Due to his intellectual brilliance and unique poetic talent, he composed poetry in 21 musical modes, creating 564 Kafis, 150 Ghazals and in other Forms of Poetry.

Syed Cheezal Shah was a Sufi saint, his real name was Syed Abdul Aziz Shah. He was born in the house of Syed Rakhyal Shah at Fatihpur Sharif on 15th of Jamad ul Sani, 1332 Hijiri (April 1914). He passed away on Wednesday,15th Shaban 1404 Hijiri. His poetry includes 190 creations in the genres of Hamad, Maolud, Qasida, Marsia, Ghazal and Kafis. He composed Poetry in 22 musical modes and apart from the modes his poetry includes the modes Kalangro, Rano and Basant.

There are many similarities between the poetry of Syed Rakhyal Shah and Syed Cheezal Shah. This article provides study of similarities in their poetry, focusing on the technical intricacies of their couplets. The purpose of this study is to examine, evaluate, explore, compare and identify similarities in the poetry of both poets.

---

✻هاءِ اسڪول ٽيچر (HST) شهيد ذوالفقار علي ڀٽو گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول، وڳڻ، ضلع قمبر، سنڌ



سيد رکيل شاهه ۽ سيد چيزل شاهه نامور صوفي شاعر ٿي گذريا آهن. سندن شاعري ملڪ جي سڀني صوبن ۾ ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ پڻ ٻڌي وڃي ٿي پر سنڌ ۽ بلوچستان جي ڪنڊ ڪُڙڇ ۾ سندن شاعريءَ جي فڪري پيغام جي گفتار گونجي رهي آهي.

**ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو:**

> بلوچستان جي علائقي ڀاڱناڙي ۾ سنڌي زبان عام ڳالهائي وڃي ٿي.هتي به سنڌي شاعر ٿي گذريا آهن. اجان تائين هن علائقي جي سنڌي ٻولي، لهجي ۽ هتي جي سنڌي شاعرن تي تحقيقي ڪم نه ٿيو آهي. هتي ٻه وڏا صوفي شاعر سيد رکيل شاهه ۽ سندس فرزند سيد چيزل شاهه ٿي گذريا آهن. جيڪي درگاهه جهوڪ شريف جا مريد هيا. سنڌ ۽ بلوچستان ۾ سندن ڪيترائي مريد آهن. هنن صوفيانه ڪلام چيو آهي، جنهن ۾ همه اوست جي اپٽار ڪئي آٿن. (ميمڻ،2002، ص 437، 438)

**سيد رکيل شاهه:** انگريز دور جو صوفي شاعر آهي، سندس شاعري مختلف صنفن ۾ ڪيترن ئي موضوعن تي سرجيل آهي. پاڻ انگريز دور جي ٺورٽيءَ جا شاعر آهن، جيڪا ٺورٽي قادر بخش بيدل، سيد مصري شاهه ۽ سيد رکيل شاهه جي نالن سان ٺهيل آهي.

سيد رکيل شاهه ڪافيءَ جو قادرالڪلام شاعر ٿي گذريو آهي، سندس رسالو ”بحرالعشق“ ڪافيءَ جو شاهڪار آهي، جنهن ۾ 564 ڪافيون لکيل آهن. پاڻ تصوف جي تاجي پيٽي جي شاعري ڪري، قادري سلسلي جو پيغامِ عام ڪيائون.

سيد رکيل شاهه جي شاعريءَ ۾ سرمستيءَ جي پرچار ٿيل آهي. وحدت الوجود (همه اوست) جي روشنيءَ ۾، سندس شاعري سرجيل آهي. پاڻ انگريز دور جا مٿاهين پايي جا وحدت الوجودي شاعر آهن.

سيد رکيل شاهه جي شاعريءَ ۾ حمد، مولود، ڪافي، غزل، قصيدو، مرثيو، بيت، ڏوهيڙو ۽ ٽيه اکري (سي حرفي) صنفون پڻ ملن ٿيون. پاڻ سنڌي، سرائيڪي، بلوچي، اردو، فارسي، هندي ۽ بروهڪي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي اٿن، تنهنڪري هفت زبان شاعرن جي صف ۾ شامل ٿين ٿا. سندن شاعري مختلف موضوعن تي لکيل آهي.

سيد رکيل شاهه قادري طريقي سان وابسته هئا. سندن روحاني سلسلو درگاهه جهوڪ ميرانپور جي ستين سجاده نشين صوفي عبدالستار نورانيءَ کان ٿيندو انين سلسلاتي ڪڙيءَ سان، شهيد شاهه عنايت سان ملي ٿو. ڊاڪٽر نبي بخش خان لکي ٿو ته:

> سيد رکيل شاهه چاليهن سالن جي عمر کان پوءِ فقيري راهه اختيار ڪري، جهوڪ ۾ آيو، جتي صوفي عبدالستار جي صحبت ۾ رهي، سندس دست بعيت ٿي، توحيد جي ذڪر

جي تلقين ورتائين... سنڌي، بلوچي ۽ فارسيءَ ۾ ڪلام چيائين. سنڌس ڪلام جي مجموعي ۾ 731 ڪافيون ڇپيل آهن. (بلوچ، 1987، 967)

رڪيل شاه پنهنجي شاعريءَ وسيلي سنڌ ۽ بلوچستان جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ پنهنجي نالي جو پڙلاءُ ڪيو. سنڌس شاعريءَ جو پيغام لکن ماڻهن جي روح جي راحت، ساه جو سُڪون ۽ درد جي دوا بڻيو. صوفي رڪيل شاه پنهنجي علمي ذهانت ۽ شاعريءَ جي انوکي ڏات جي ڏانءُ سبب، 21 سُرن ۾ شاعري ڪري، 564 ڪافيون، 150 غزل، 10 مولود (نعت)، هڪ حمد، 2 مرثيہ. هڪ قصيدو، 237 سنڌي بيت، 51 سرائيڪي ڏوهيڙا (بيت) ۽ 2 ٽيه اکريون، پهرين ٽيه اکري مسدس بيتن تي لکيائين، جنهن 29 بيت آهن ۽ ٻي ٽيه اکري چوسٽي بيتن جي سرجيائين، جنهن ۾ بہ 29 بيت ڏنل آهن.

سيد رڪيل شاه ڪافيءَ جو شاهڪار شاعر آهي، سنڌس غزلن، قصيدن ۽ مرثين ۾ بہ ڪافيءَ جو فڪر سمايل آهي ۽ سنڌي بيتن بہ 13 بيت مرثيي جا لکيائين. سيد رڪيل شاه جي خاندان ۾ بزرگ ٿي گذريا پر پاڻ سيني ڪان مٿاهين سجاڳپ اختيار ڪري، ملڪن ۾ مشهوري ماڻيائين ۽ شاعريءَ جي حوالي سان، نراليون ڪافيون لکي، پنهنجي دور جي منفرد صوفي شاعرن جي صف ۾ پنهنجو نالو ڳڻايائين. سيد رڪيل شاه موسيقيءَ بہ زبردست ڄاڻو هيو، جنهن ڪري پنهنجون ڪافيون پاڻ بہ ڳائيندو هيو.

**سيد چيزل شاه:** ڪافيءَ جو معروف شاعر ٿي گذريو آهي. سنڌس شاعري تصوف سان وابستہ آهي، جنهن ۾ همہ اوست جي فڪري گونجار آهي. سيد چيزل شاه جي شاعريءَ ۾ حمد، مولود، ڪافي، غزل، قصيدو، مرثيو بيت، ڏوهيڙو ۽ ٽيه اکري (سي حرفي) صنفون شامل آهن، جيڪي مختلف گهاڙيٽن تي لکيائين. سيد چيزل شاه سنڌي، بلوچي، سرائيڪي، اردو، فارسي ۽ هندي ٻولين ۾ شاعري ڪئي. سنڌس شاعريءَ ۾ فني خوبصورتي ۽ فڪري گهرائيءَ واري معنيٰ سمايل آهي. سيد چيزل شاه جي شاعريءَ تي سيد رڪيل شاه جو ڀرپور اثر ملي ٿو. پاڻ سرمست شاعر آهن ۽ سچل سرمست واري ٻوليءَ ڪان پڻ متاثر لڳن ٿا. سنڌس شاعريءَ ۾ وحدت الوجود واري فڪر جا اولڙا بہ موجود آهن. پر چيزل شاه شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جي منزلن تي پهتل عالم درويش هيو. صوفي القادري لکي ٿو تہ:

سائين چيزل شاه جي ڪلام ۾ رندي سرمستي، سيرت نگاري، فطرت نگاري، طلب حق لاءِ قرباني، محبت لاءِ سِر جي بازي ۽ درسِ انسانيت جا گهڻا آثار ملن ٿا. پنهنجي



ڪلام ۾ عجز ۽ نياز سان پاڻ کي ڪڏهن سسئي سان، ڪڏهن هيرَ سان ۽ ڪڏهن مارئي سان ڀيٽي ٿو. ڪڏهن طمع تياڳڻ، نفس کي مارڻ لاءِ آڏوتي، سامي، جوڳي ۽ فقيرن سان ڀيٽي، محنت جاري رکڻ جو درس ڏئي ٿو. سنڌس ڪلام ۾ دُوئي ۽ غيريت جي مذمت ڪيل آهي ۽ وحدت جنهن ۾ محبت، عشق ۽ پيار شامل آهي، ان جو آسائتو آهي. (صوفي القادري، 2013، 28)

سيد چيزل شاه جي شاعري بہ راڳداريءَ جي سُرن تي لکيل آهي. سنڌس شاعريءَ ۾ 22 سُر شامل آهن، جن جو محور تصوف آهي. پاڻ جماليات، انسانيات ۽ اصلاحيات جي موضوعن سان گڏ، ٻين بہ ڪيترن ئي موضوعن تي پڻ شاعري ڪيائون.

سنڌس شاعريءَ۾ حمد، مولود، قصيدو، مرثيو غزل ۽ ڪافيءَ جي صنفن جون 190 تخليقون شامل آهن.

سيد رڪيل شاه ۽ سيد چيزل شاه جي شاعريءَ ۾ گهڻي هڪ جهڙائي ملي ٿي.هن مقالي جو مقصد ٻنهي شاعرن جي شاعريءَ کي پرکڻ، جاچڻ، تلاشڻ۽ هڪجهڙايون معلوم ڪرڻ آهي، جنهن لاءِ سندن شاعريءَ جي صنفن، فڪري موضوعن، صنعتن ۽ سُرَن جو اڀياس ڪيو ويو آهي.

سيد رڪيل شاه جي شاعريءَ ۾ 21 سُر ملن ٿا ۽ سيد چيزل شاه 22 سُرن تي شاعري ڪئي آهي. سيد رڪيل شاه جي شاعريءَ جي سُرن مان 19 سُرن تي، سيد چيزل شاه طبع آزمائي ڪئي آهي صرف ”سُر بردو ۽ سُر سارنگ“ نہ لکيائين پر سنڌس شاعريءَ جي 22 سُرن مان 19 سُر، سيد رڪيل شاه ڪان متاثر ٿي لکيائين ۽ ”سُر ڪلنگڙو، سُر راڻو ۽ سُر بسنت“ تي سيد چيزل شاه جي شاعري لکيل آهي، جن تي سيد رڪيل شاه طبع آزمائي نہ ڪئي آهي. ڳاڻاٽي (تعداد) جي لحاظ ڪان سيد رڪيل شاه جي شاعريءَ تمام گهڻي آهي، جيڪا سنڌي، سرائيڪي، بلوچي، اردو، فارسي، هنديءَ ۾ ملي ٿي ۽ سنڌس شاعريءَ جي ٻن ٽن تخليقن ۾ بروهڪي ٻوليءَ جون سٽون بہ سرجيل آهن يعني سنڌس شاعري ستن ٻولين ۾ ملي ٿي ۽ سيد چيزل شاه جي شاعري سنڌي، سرائيڪي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ ملي ٿي، جنهن ۾ تخليقن جو تعداد بہ گهٽ آهي يعني سيد رڪيل شاه جي شاعريءَ ۾ شامل تخليقن ۽ ٻولين جي لحاظ ڪان، سيد چيزل شاه جي شاعري گهٽ درجي ۾ لکيل آهي پر فني ۽ فڪري حوالي

سان سيد رکيل شاھ ۽ سيد چيزل شاھ جي شاعريءَ ۾ ھڪ جھڙائي ملي ٿي. سيد رکيل شاھ جي شاعريءَ جو اثر سيد چيزل شاھ جي شاعريءَ تي مڪمل ملي ٿو تنھن ڪري، سندس شاعريءَ ۾ فني ۽ فڪري ھڪجھڙائي پڻ ملندڙ جلندڙ آھي.

'وراڻ' شاعريءَ جي فني گھاڙيٽي جو ھڪ بھترين نمونو آھي، جيڪو بيتن ۾ استعمال ڪيو ويندو آھي. وراڻ سان بيتن ۾ موسيقي، رڌم ۽ روانيءَ جي خوبصورتي شامل ھوندي آھي. وراڻ وارا شعر، ٻڌندڙ کي پاڻ ڏانھن مُتوجه ڪندا اھن، تنھنڪري سندن دل ۽ دماغ ۾ روحاني تازگي اچي ويندي آھي ۽ وراڻ جا ڪيترائي قسم آھن. پھريون قسم بيت جي پھرين سٽ جو اڌ يعني پھريون پد پوين بيتن ۾ به ساڳيءَ جاءِ تي ڪتب ايندو وڃي. وراڻ جو ٻيو نمونو بيت جي ٻئي نمبر سٽ جو پھريون پد، ٻين بيتن جي ٻئي سٽ جي پھرين پد طور شامل ھجي يعني ساڳيا لفظ ٻئي بيت ۾ به ساڳي سٽاءَ طور سِرجيل ھجن. وراڻ جو ٽيون قالب بيت جو آخري اڌ، ٻئي بيت جي مھڙين پد طور استعمال ٿيل ھجي ۽ وراڻ جو چوٿون طريقو بيت جو پڇاڙي اڌ، ٻئي بيت جي آخري اڌ طور ڪتب آيل ھجي يعني ھر بيت جو آخري پد ساڳي وراڻ جو ھجي. سنڌي اساسي شاعريءَ ۾ وراڻ جو شروعاتي استعمال شاھ لطف الله قادريءَ جي شاعريءَ ۾ ملي ٿو ان کان پوءِ شاھ عنايت رضوي، شاھ عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، بيدل فقير، سيد رکيل شاھ ۽ سيد چيزل شاھ جي شاعريءَ ۾ وراڻ جو نمونو بيتن ۾ ملي ٿو. سيد رکيل شاھ جي بيتن ۾ وراڻ جا مٿي ڄاڻايل چارئي گھاڙيٽا استعمال ٿيل آھن ۽ سيد چيزل شاھ جي شعرن ۾ پڻ وراڻ جا مختلف نمونا ملن ٿا. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو:

> شاھ لطف الله قادريءَ جي ڪلام ۾ شروعات واريءَ وراڻ جا 11 مثال ملن ٿا. ان کان سواءِ ٻين نمونن جي وراڻ جا ٻه مثال موجود آھن..... وراڻ پھريون پيرو ھن شاعر جي شعر ۾ ملي ٿو. ان کان پوءِ شاھ عنايت رضوي، شاھ لطيف، سچل سرمست، قادر بخش بيدل ۽ ٻين شاعرن انھيءَ فني خوبيءَ کي استعمال ڪري، بيتن ۾ رنگيني، رواني ۽ تاثير پيدا ڪيو آھي. (سنڌي 2001، 79)



**سيد رکيل شاھ جي شاعريءَ مان وراڻ جي بيتن جا مثال:**

**بيت 1.**

ھي ھي ڪيون حرص ۾، ٿا دنيا دنيا ڳن،
راتيان ڏينھان نفس سان، ھو پڄي ڪين سگھن،
نڪو نالو رَب جو نٿا نانءُ ڳنھن،
سچ لھي سانجھي ٿيو مٿون رات پَيَن،
پوءِ "رکيل" ٻڌو نہ ٻوڙن، ڏھاڙيون جي ڏاھ ۾.

**بيت 2.**

ڏھاڙيون جي ڏاھ ۾، ٻڌي جن ٻولي،
سھجون ٻڌي سندرو، تَن چاڪ ڪئي چولي،
اورن سي الف سان، ڏسي جانب کي جھولي،
اوراٽو تہ عجيب کي، ڏين لکيٽي لولي،
شل! "رکيل جي ٽولي، ھوندي عشق الله جي.

**بيت 3.**

ھوندي عشق الله جي، مراقبي منجه مقبول،
وقت سڀيئي فرض ھي، وڃي قضا ٿين قبول،
پائي مُنھن مُونن ۾، ٿيا محبت سان مشغول،
پوءِ "رکيل" نينھن نزول، وڃي نفي کون اثبات ٿيا.

(بحرالعشق، 2014، 447)

سيد رکيل شاھ مٿين بيتن ۾ وراڻ جو جيڪو فني گھاڙيٽو استعمال ٿيل آھي، تنھن ۾ بيت جو آخري پد، ٻئي بيت جي پھرين پد ۾، وراڻ طور ڪتب آيل آھي. اھڙيءَ طرح، انھيءَ گھاڙيٽي تي، ٽي بيت لکيائين. ھنن بيتن ۾، انسانن کي حرام جي ميا ۽ ملڪيت کان تنبيه ٿيل آھي. جيڪي ماڻھو ڏينھن ۽ رات ڏَن ۽ دولت جي وٺ وٺان ۾ مصروف آھن، انھن کي ننديائين، ته حق ۽ سچ جي وکر لاءِ پنھنجون صلاحيتون ڪتب آڻيو. حرام ڪمائيءَ جي دولت جي حرص ۽ حَوص کان بيزاري اختيار ڪيو. حلال جي روزي بسم الله ۽ برڪت ڀري آھي. حرام جي ڪمائيءَ جي وٺ پڪڙ ۾ پنھنجو وقت افراد نه وڃايو. زندگيءَ جون سموريون گھڙيون حلال روزيءَ

لاءِ وفق ڪيو. پنهنجي ڏٽي تعاليٰ جو ذڪر ۽ فڪر ڪيو. رب رحمان کي ريجهائڻ جو مضبوط ارادو ڪيو ته الله تعاليٰ، اوهان لاءِ آسانيون پيدا ڪندو.

سيد چيزل شاهه جي شاعريءَ مان 'وراڻ' جي بيتن جا مثال:

**بيت 1.**

سسئي سڙي سورن جي، اڳي ڏاڍي هئي ته ڏکي،
هڪ ڏير ڏيئي ويا ڏوجهرا، پيو پنهل پياسي، ٻُکي،
رَند ڏسي راڙيون ڪري، سسئي ڪينَ ٽڪي،
وڃي تيزئون تيز تِکي، ڏس "چيزل" ڪيئن چري تي آ.

**بيت 2.**

ڏس "چيزل" ڪيئن چري تي آ، پنهنجي وَرَ ڪان ويچاري،
ڏئي باهه پنيور کي، ڪيئين ٽُرت سِگهو تياري،
واڪا ڪندي وڃي پئي، هئي منزل جي ماري،
ڪري ڪوڪان ڪوهياري، "چيزل" ڪڏهن ملندي ڪيچ کي.
(بحرالعميق، 2014، 242)

سيد چيزل شاهه جي بيتن ۾ وراڻ جي فني خوبصورتي جي شعرن ۾ سسئيءَ جي ڏکن ڀري ڪهاڻي بيان ٿيل آهي. سسئي، پنهل جي جدائيءَ ۾ جهنگ، جبل، بر ۽ بيابان جهاڳيندي، پنهل پنهل ڪندي، جدائيءَ جي درد ۽ سوز جون پڪارون، ڏکن، ڏاڪڙن جي پيچرن، چارن، لَڪن، لنگهن، پٽرن، پاهڻن ۽ جهنگ جي بلائن سان، دانهون ڪري، پنهل جون پڇائون ڪري، رند ڪڻندي، گهمندي ۽ روئندي رهي ۽ اها ئي سسئيءَ جي ڏکن ۽ ڏوجهرن جي ڪهاڻي، سسئيءَ جي زباني، سيد رکيل شاهه پنهنجي شاعريءَ ۾ سِرجي آهي. سسئيءَ سان، ڏيرن وڏو انياءُ ڪيو. تنهنڪري ڏيرن کي ڏوراپا ڏيندي، پاڳلن وانگر ويچاري سسئي، پنهونءَ جي فراق ۾ جبل جهاڳيندي رهي. سيد چيزل شاهه جي شاعريءَ ۾ به وراڻ جا ٻيا نمونا به ملن ٿا.

**ٽيه اکري (سي حرفي):**

ٽيه اکري شاعريءَ جي صنف آهي، جيڪا بيت جي صورت ۾ لکي ويندي آهي. ٽيه اکري، عربي اکرن (پٽي) تي لکبي آهي، جيڪا اناويهن، اوڻٽيهن يا ٽيهن حرفن تي لکي وئي آهي. اڪثر شاعر هر حرف تي هڪڙو بيت لکندا آهن. ڪن وري هر اکر تي هڪ سٽ به لکي آهي پر پوءِ به اها بيت جي روپ ۾ لکيائون. موجوده دور جي



شاعرن سنڌي پٽي يعني 52 اکري به لکي آهي پر اها به ٽيه اکري (سي حرفي) جي نالي سان سڏيائون. صوفي سيد رکيل شاهه ۽ صوفي سيد چيزل جي هڪ ٽيه اکري به وراڻ جي گهاڙيٽي تي لکيل آهي. ٻنهي شاعرن جي وراڻ جي نموني تي لکيل سي حرفي چوسٽي بيت تي آهي، هر حرف تي هڪ بيت لکيائون يعني سندن ٽيه اکري اوڻٽيهن بيتن جي آهي پر هن مقالي ۾ نموني طور پهرين ۽ آخري حرف جا بيت ڏنا ويا آهن.

**سيد رکيل شاهه:**

**بيت 1.**

"الف اور اندر ۾، سدا فڪر فقيرن،
اوجاڳا اکين کي، دل ۾ مچ ٻرن،
فاني تَنهن فراق ۾، جهوري منجهه جُهرن،
اهي وينا رب گُهرن، وڃي مليا سي مطلوب سان."
(بحرالعشق، 2014، 494)

**بيت 2.**

"يي يڪائي يار سان، پيا دل ڪون وهم ويا،
رمز لڳي "رکيل شاهه" چوي، منهنجا سيئي سُور ساڀ پيا،
نيت ٻڌايم سچو سندرو، تو قربئون ڪم ڪيا،
منجهون فڪر فهم نهيا، وڃي مليا سي مطلوب سان."
(بحرالعشق، 2014، 501)

سيد رکيل شاهه جي مٿين ٽيه اکري عربي پٽيءَ جي اوڻٽيهن اکرن تي لکيل آهي. الف، ب، ت، ث، ج، ح، خ، د، ذ، ر، ز، س، ش، ص، ض، ط، ظ، ع، غ، ف، ڪ، ل، م، ن، و، ه، ل، ء ۽ ي. هن سي حرفيءَ ۾ حرف "ل" تي 2 بيت لکيل آهن. چوسٽي بيت تي لکيل هن ٽيه اکريءَ ۾ وراڻ جو نمونو ملي ٿو جنهن ۾ پهرين بيت جو آخري پد "مليا سي مطلوب سان" سيني بيتن جي آخري پد ۾، وراڻ طور استعمال ٿيل آهي. هن ٽيه اکريءَ جا سيئي بيت صوفياڻي فڪر تي لکيل آهن.

**سيد چيزل شاهه:**

**بيت 1.**

"الف عاشق پڙهي، سامي لنگهي سُڄ،
نفي ڪري نفس کي، ماري ڪيائون مُڄ،
ٻڌي سهجئون سندرو، سدا سُورن ڇڄ،
رکي فرض فهم، وڃي هاديءَ سان هو رسيا."

(بحرالعميق، 2014، 249)

**بيت 2.**

"يبيئون يَد اللهِ فَوقَ اَيدِيهِم، ڳولج ٻي نہ ڳلي،
مشڪل ڪشيٰ مصطفيٰ، حيدر هڪ علي،
اَحدُ کُم اِيمَانُکُم، واصل لعل ولي،
سهڻا "چيزل" بات پلي، وڃي هادي سان هو رسيا."

(بحرالعميق، 2014، 255)

سيد چيزل شاهه جي لکيل ٽيهه اکريءَ ۾ 30 بيت ملن ٿا، يعني سي حرفي 30 اکرن جي لکيل آهي. الف، ب، ت، ث، ج، ح، خ، د، ذ، ر، ز، س، ش، ص، ض، ط، ظ، ع، غ، ف، ڪ، ق، ل، م، ن، و، ه، ل، ء ۽ ي، سيد چيزل شاهه جي سي حرفيءَ ۾ "ق" تي ٻه بيت لکيل آهي، جنهن ڪري، سندس ٽيه اکريءَ ۾ 30 بيت ملن ٿا يعني ٽيهن اکرن جي چوسٽي بيتن تي لکيل آهي. هن ٽيه اکريءَ ۾ وراڻ جو گهاڙيٽو ملي ٿو جنهن ۾ بيت جو آخري پد "وڃي هاديءَ سان هو رسيا" ٽيهن ئي بيتن جي آخري پد ۾ وراڻ جي نموني طور ڪتب آيل آهي.

سيد رکيل شاهه جي درگاهه جون سنڌي ادب ۽ ڪافيءَ لاءِ ڪيل خدمتون ساراهه جوڳيون آهن، سندس سلسلي جي سڀني نامور شاعرن پڻ تصوف جي فڪر سان ادبي ڪاوشون ڪري، پاڻ موکيو آهي. سيد رکيل شاهه جي سلسلي جا شاعر، سندس ئي فڪر کان متاثر آهن. سيد چيزل شاهه، سيد رکيل شاهه جو فرزند ۽ سندس سلسلي جو وڏو شاعر آهي.



**نتيجا:**

- سيد رکيل شاهه ۽ سيد چيزل شاهه قادري سلسلي جي سٺ جا وحدت الوجودي شاعر ٿي گذريا آهن. سندن شاعري همہ اوست جي اپٽار ۽ سرمستيءَ سان سرشار آهي.
- ٻنهين شاعرن امن، اتحاد ۽ رواداريءَ جي راهه ڏسي آهي. پيار ۽ پريت جو فلسفو سمجهائيو آهي. انسان کي ادب، احترام ۽ اخلاق ڀري زندگي گذارڻ جي تلقين ڪئي آهي.
- سيدرکيل شاهه ۽ سيد چيزل شاهه پنهنجي ڪافين ۾ جدوجهد جو سبق ڏين ٿا، ننڊ ۽ غفلت کي ڇڏي، اٿي محنت جو رستو اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪن ٿا. سندن چوڻ آهي تہ منزل ڪاوشن سان ملندي آهي، سستي ڇڏي جدجهد جاري رکجي تہ مقصد حاصل ٿئي.
- ٻنهين شاعرن پنهنجي ڪافين ۾ زندگي گذارڻ جا آداب ۽ اخلاق سيکاريا آهن. ماحوليات ۽ سماجيات جي ترقيءَ ۽ سڌاري لاءِ اُتساهه پيدا ڪيو آهي. انسان ذات کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ جون ڳالهيون ڪيون آهن، عوامي امنگ ۽ اميدن جي ترجماني ڪئي آهي. حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد جو دڳ ڏيکاريو آهي.
- ٻئي شاعر پورهيت جي پورهئي جا وڏا قدردان هئا، سندن چوڻ آهي تہ مزدور جي محنت اتم ۽ اعليٰ درجي جي آهي ۽ پورهيت جي محنت، خلوص ۽ پگهر جو پورهيو ڌڻيءَ در مقبول آهي، پورهيت خدا جو دوست آهي.
- ٻنهي شاعرن جي شاعريءَ ۾ قافين جا ڪيترائي قسم ملن ٿا. مطلع جي آخري پد تي قافيو مطلع جي ٻنهي سٽن تي قافيو مطلع جي پهرين پد تي قافيو مطلع جي پهرين پد تي قافيي جو ورجاءُ، مطلع جي ٻئي پد جي قافيي جو ورجاءُ ملي ٿو.
- ٻنهي شاعرن جي شاعريءَ ۾ رديف جي هڪجهڙائيءَ جا مختلف قسم ملن ٿا، جيڪي مفرد، مرڪب ۽ مرتب لفظن جي صورت ۾ آهن.

- تلميحون: الله تعاليٰ، نبي سڳورن، اصحاب سڳورن، امام سڳورن، ملائڪن، جي نالن جون، قرآن شريف ۽ عربي ٻوليءَ جي مقولن ۽ لفظن جون، مقدس ڪتابن جون، اَمر شخصيتن، دريائن، جبلن، ملڪن، شهرن وغيره جون اَنيڪ تلميحون سندن شاعريءَ ۾ ملن ٿيون.
- سندن بيتن ۾ وراڻ جا مختلف قسم ۽ وراڻ جي هڪ گهاڙيٽي تي لکيل ٿيه اکريون ملن ٿيون.
- سيد رکيل شاهه جي شاعريءَ ۾ وراڻ جي چئن نمونن ۾ 30 کان ٻه مٿي بيت ۽ 29 سي حرفيءَ جا بيت ملن ٿا. يعني سندس شاعريءَ ۾ وراڻ جا 60 کان ٻه وڌيڪ بيت ملن ٿا.سيد چيزل شاهه شاعريءَ ۾ ٽن قسمن جي وراڻ جا 13 بيت ملن ٿا ۽ ٿيه اکري ۾ وراڻ جا 30 بيت يعني سندس شاعريءَ ۾ وراڻ جا 43 بيت شامل آهن. اهڙيءَ طرح ٻنهي شاعرن جي بيتن ۽ ٿيه اکريءَ ۾ فني ۽ فڪري هڪجهڙائي ملي ٿي.
- سيد رکيل شاهه جي شاعريءَ ۾ 21 هن سُرن تي 731 تخليقون لکيل آهن ۽ سيد چيزل شاهه جي شاعريءَ ۾ 22هن سُرن ۾ 190 ڪافين ۾ مختلف صنفون سرجيل آهن. ٻنهي شاعرن جي شاعريءَ جا سُر راڳداريءَ طور لکيل آهن.
- ٻنهي شاعرن ڪافيءَ جي اوسر ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. ٻئي شاعر ڪافيءَ کي ترقيءَ ڏياريندڙ شاعرن ۾ شمار ڪيا وڃن ٿا.

***حوالا:***


بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر. (1987). ڪافيون (جلد ٻيو). ڄامشورو سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ

صوفي القادري. (2014). رکيل شاهه جي شاعري: بحرالعشق.فتح پور. فتح چند ڪنيا لعل ڪارڙا

مانجهي، محمد علي، ڊاڪٽر. (2014) صوفي شاهه عنايت شهيد ۽ سندس سلسلي جا شاعر.ڪراچي، سنڌ: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر. (2001).لطيفي لات ۽ سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو گڏيل اڀياس. شڪارپور، سنڌ: مهراڻ اڪيڊمي

ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر. (2002).بيت (ستا ۽ اوسر). شڪارپور، سنڌ: مهراڻ اڪيڊمي